SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2001

# سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2001

## سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[6 اپريل 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 جي دفعہ 4 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"(a)، چيئرمين حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو."<br>(ii) ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:<br>"(1-A)، چيئرمين ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکندو جيستائين استعيفيٰ نہ ڏئي يا کيس اڳواٽ عهدي تان هٽايو نہ وڃي. | 1994 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 1994 |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |